# سنڌ ۾ تعليم جي تباهي جا اصل ذميوار ڪير؟

## رسول بخش پليجو

---

نالي ماتر آزاد ڪيل ٽي دنيا جي نام نهاد آزاد ۽ خود مختيار ۽ حقيقت ۾ ذري گهٽ غلام ملڪن جون اسٽيبلشمنٽون ظاهري طور پنهنجي ملڪ جي عوام جي مفادن جي ترجماني ڪنديون آهن ۽ اندروني طور رات ڏينهن پنهنجي آقا سامراجي ملڪن جي عالمي مفادن لاءِ ٽيهن نسن جا زور لڳائينديون آهن.

هو ظاهري طور پنهنجي ملڪ جي ”قومي مفادن“ لاءِ ٻين ملڪن سان گوڙ فساد ڪنديون رهنديون آهن پر سندن اصلي جنگ اڻ ٿي پهر پنهنجي ملڪ جي عوام خلاف هلندي رهندي آهي ته جيئن اهو عوام سدائين انڌو، ٻوڙو، گونگو ۽ آقائن جو ٻانهن ٻڌو ٻانهو ٻڌيو رهي ۽ پنهنجي حقن، وسيلن، عزتن ۽ آزادين لاءِ چپ ٻه نه چوري سگهي. پنهنجي ملڪ جي عوام خلاف ان دائمي جنگ ۾ هو اهي سمورا گر ۽ حربا استعمال ڪنديون آهن، جيڪي ڪين دشمنن سان جنگ ڪرڻ لاءِ سيڪاريا ويندا آهن.

### ٻه سادا ۽ بنيادي اصول!

لڙائي ۽ جاسوسي جا ٻه سادا ۽ بنيادي اصول آهن، دوکو ۽ ٻهروپ. هر حملي جي رٿا تيار ڪرڻ سان گڏ رٿا ڪندڙ اسٽاف آفيسرن ڪي حملي جي

اصلي نشاني ۽ مقصد کي لڪائي دشمن کي دوکو ڏيڻ ۽ گمراهه ڪرڻ لاءِ ٻي رٿا بہ شامل ڪرڻي هوندي آهي. جنهن کي انگريزي ۾ "Deception Plan" چيو ويندو آهي. هر ايجنٽ جي اصل حيثيت ۽ مشن کي لڪائڻ لاءِ ڪيس هڪڙي مخصوص ٻهروپي ڪردار (ڊاڪٽر، درويش، فقير، اديب، قومي ڪارڪن، انقلابي ڪارڪن ۽ رهنما) جو پوش پهرايو ويندو آهي. ان ٻهروپ کي انگريزيءَ ۾ "Cover" (پوش) چيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪن ايجنٽن جا "ڪور" اهڙا سچا پچا ۽ مقبول عام هوندا آهن جو عام ماڻهو صدين تائين تصور ئي نہ ڪري سگهندا تہ ڪو هي ماڻهو اصل ۾ ڪا ٻنهہ ٻي ٻجڙي بلا آهي. انگلينڊ جي جاسوسي ڪاتي جي سرڪاري تاريخ ۾ اها حقيقت تسليم ڪئي ويئي آهي تہ جو ناٿن سوفٽ (1745- 1667) (مصنف: گليرو جو سير ۽ سفر وغيره) ۽ سامر سيٽ ماهم (1965- 1847) جهڙا انگريزي ادب جي آسمان جا جڳ مشهور روشن ستارا بہ ان شاندار ادبي پردي هيٺ ڳجهہ ڳوهہ ۾ برطانوي جاسوسي ڪاتي جا ڳجها ايجنٽ هئا.

## هڪ ڊگهو عياري وارو منصوبو!

اٽڪل 30- 35 سال اڳ پنجابي- مهاجر اسٽيبلشمنٽ ۽ سندن تابعدارن بنگالي پاڪستانين کي رت ۾ وهنجاري ڌوڙائي ڪڍي، اولهہ پاڪستان (هاڻوڪي پڳل ٽٽل نالي ماتر پاڪستان) تي ڊڪٽيٽري قبضو ڪري ورتو، تڏهن مون لکت ۾ سنڌي قوم کي چتاءُ ڏنو هو تہ هاڻ سنڌي قوم وري بہ ان وس ۽ ٻي واهہ حالت ۾ اچي ويئي آهي، جنهن حالت ۾ اها هندو دائمي اڪثريت جي ڊپ کان 1947ع ۾ هندستان کان ڇڇي ڏار ٿي هئي. مون ان وقت لکيو هو ۽ اڄ بار بار چوندو ۽ لکندو رهيو آهيان تہ اها اسٽيبلشمنٽ رات ڏينهن هڪ سوچيل سمجهيل ڊگهي ۽ عياري واري منصوبي مطابق سنڌين جي قومي وجود کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جي ڌنڌي ۾ لڳل آهي ۽ ڪو اهو ڏينهن نہ ٿو گذري جنهن ۾ هو ڪانہ ڪا سنڌ دشمن داداگيري ۽ رهزني ڪري پنهنجي منصوبن کي ڪاميابي ڏانهن نہ ڌڪيندا رهندا هجن.

مون خاص طرح چيو هو تہ هي مهربان رات ڏينهن اسلام، قائد اعظم، پاڪستان ۽ ملڪي سالميت ۽ قومي ترقي ۽ خوشحالي جا نعرا هڻندي سنڌي قوم جي قومي وجود جي ٽن هنڌن تي ڪاري ضربون هڻندا رهندا. (1)

پاڻي تي ڏاڙا هڻي سنڌ کي رڻ پٽ بڻائي سنڌي ماڻهن جي وڏي انگ کي جنسي ماري ڇڏڻ (2) سنڌ جي تعليم کي تباهه ڪري سنڌين کي جاهل، موڳا ڍور بڻائي سندن وطن ۽ وسيلا ڦُرڪائي ڇڏڻ (3) ٻاهرين صوبن ۽ ملڪن جا ماڻهو گهرائي سنڌين کي پنهنجي وطن ۾ ٻي وطن ۽ هڪڙي خسيس اقليت بڻائي ڪين نپوڙي ختم ڪري ڇڏڻ.

## هر ناپاڪ مقصد واري آپريشن لاءِ ڪونه ڪو Cover يا پوش گهرجي

تعليم کي تباهه ڪرڻ جي آپريشن کي سنڌ جي آزادي جي ويڙهه جو پوش پهرايو ويو. تعليمي ادارن ۾ ايجنسين جا پالتو ڀتي خور، غنڊا ۽ دهشتگرد شاگردن ۽ استادن طور ڀرتي ڪري ڪين قومي سورمن ۽ سرواڻن جا پوش پهرائي هٿرادو تعليم دشمن شاگرد ۽ استاد تنظيمون نهرائي، آزادي، آجپي، پاڪستان ٽوڙڻ، آزاد ملڪ بڻائڻ جي نعريبازي ڪرائي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کي عملي طرح ڄڻ تالا هڻي، حقيقي تعليم، علم، عقل، سائنسي، ٽيڪنالاجي کي نيڪالي ڏيئي شاگردي ۽ استادي جي اعلىٰ پيشن جون قبرون ۽ حقيقي شاگردن جون قتل گاهون بڻايو ويو.

## واهه جو ڪم ٿو ڪري!

گهڻو وقت ٿيو هڪڙي دوست کان پڇيم ته تنهنجو ڇگّو مڙس ميمبر ٿيو آهي. ماڻهن جو ڪم ڪار به ڪري ٿو يا نه؟

چيائين ”واهه جو ڪم ٿو ڪري! اٺ ماستري جا آرڊر گهر ويٺي ڏياري موڪليا اٿس“ مون پڇيس ”ماستر ٿيڻ وارن کي به ڪجهه اچي ٿو يا نه؟“ چيائين ”سيني وٽ مئٽرڪ جا سرٽيفڪيٽ آهن. هونئن به جهڙوڪر اڻ پڙهيل آهن. باقي ٻين سيني کي پنهنجا نالا ٻالا لکڻ اچن ٿا، خط پَٽَ به پڙهيو وٺن!“

چنگيز خان کي شهر ۽ آباديون ڪونه وڻنديون هيون، جتي ڪو شهر يا آبادي ڏسندو هو اتي سڀ شهري مارائي، شهر ڊهرائي پٽ ڪرائي، پٽ کي هر ڏياري، فوجي گهوڙن لاءِ جَوَ پوکائي ڇڏيندو هو.

ٻي جنگ عظيم ۾ هٽلر سويت روس کي شڪست ڏئي، ان ڪان پوءِ اتي جيڪو نظام قائم ڪرڻ گهريو ٿي. ان جو منصوبو جنگ ڪان پوءِ هٿ آيو آهي، ان ۾ لکيل آهي ته روسين لاءِ پرائمري تعليم ڪافي آهي. ان ڪري روس جا سمورا هاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ختم ڪيون وينديون.

## اسڪولن ۾ وڏيرن جا ڍور ٻڌل!

پنجابي- مهاجر اسٽيبلشمنٽ ۽ ان جي تابعدار پوتارن جي نظر ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ پرائمري تعليم جي به ضرورت ناهي. دراصل هو اهو به پسند نه ٿا ڪن ته ڪو سنڌي ٻار سنڌي الف- ب به پڙهي، ان ڪري اڪثر سنڌي اسڪول بند آهن، ماستر غائب آهن، اسڪولن ۾ ڪنهن وڏيري جا ڍور ٻڌا بيٺا آهن. ڪاغذن ۾ پڙهائي باقاعدي هلي پيئي، سر زمين تي ڪاريءَ وارا ڪک آهن. مطلب ته سنڌي قوم سان اهو کليو کلايو، ڏينهن ڏٺي جو فراڊ ۽ ڦهر ڪن زمانن ڪان جاري آهي. عالم آشڪار آهي ته ڪيترائي پڙهائيندڙ (ماستر، ليڪچرار، پروفيسر) جعلي آهن. هڪڙا ڪورا جٽ پراڻا پٽي خور ۽ داداگير آهن، ٻيا جن کي چار اکر اچن ٿا سي سرزمين تي آهن ئي ڪونه. آفيسرن کي مقرر منٿيلون ڏيو ٻيا ڏنڊا ڏاڙيون پيا ڪن. جيڪي وڏو احسان ڪريو اچن ٿا، تن مان مس ڪي به چار پڙهائين ٿا، ٻيا به تي ڪلاڪ پٽ سٽ هٽيو ڪوري جا ڪورا پگهارون وٺيو موجون پيا ڪن.

## لنڊن واري پير جي درگاهه جو ڏن!

ماسترن جي پرتيءَ لاءِ موجوده اگهه 60- 70 هزار چيو وڃي ٿو. دانهون پيون ٻڌجن ته گهٽڻ ڪان پئسا وٺيو ڪايو وڃن، سنڌ مان هر مهيني جيڪو ڪروڙين اربين روپين جو ڏن لنڊن واري پهتل پير جي درگاهه ڏانهن وڃي ٿو. تنهن ۾ تعليم جي جعلي ڪاروبار، مان پيدا ڪيل ڪروڙين رپيا به آهن.

اسان جي ڪن فرض شناس، تعليم دوست ۽ قوم جي حبدار حاڪمن کي اجهو هينئر ڪو جاسوسي اطلاع مليو آهي ته سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو ٻڏي ويو آهي.

# هاڻ نئين ڳالهه ڪهڙي ٿي آهي؟

سرڪار بهادر کي وڏيڪ اطلاع اهو مليل ٿو ڏسجي تہ اهو ٻيڙو فقط ڪن استاد تنظيمن جا ڪي اڳواڻ ٻوڙيو وينا آهن.

سنڌي ماڻهو نهايت ادب ۽ احترام سان اهو پڇڻ چاهيندا تہ جيئن تہ اهي تازي عتاب هيٺ آيل تنظيمون ٽيهارو کن سالن کان ڪم ڪري رهيون آهن ۽ اهو ئي ساڳيو ڪم ڪندا رهيا آهن، جنهن تي حاڪم هاڻ اوچتو ڏمرجي پيا آهن تہ پوءِ هاڻ نئين ڳالهه ڪهڙي ٿي آهي، جنهن تي هيڏا هنگاما ڪرائي وڌا آهن؟ موجوده حڪومت کي خيرن سان ست- اٺ سال تخت تي ويني ٿيا آهن، ڇا ان سموري عرصي ۾ بلڪ 1970ع کان وٺي اڄ تائين تعليم جو قصو هو بهو ائين ڪونہ پئي هليو، جيئن هاڻي پيو هلي؟ ڇا اڳي باقاعدي وڏي شان شوڪت، جاهہ ۽ جلال سان نغاري جي چوٽ تي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ڪاپي ڪلچر ڪو نہ پئي هليو؟ پتن جي اوڳڙ، داداگيريون، غنده گرديون، رهزنيون ۽ قتلام جا واقعا تعليمي ادارن، خاص ڪري يونيورسٽين ۾ سرڪاري سرپرستي هيٺ ڪونہ پئي هليا؟ ڇا هڪڙي بہ غنڊي، قاتل ۽ رهزن کي پوليس هٿ لاتو؟ ڪنهن کي پنج ڏينهن بہ سزا آئي؟ گهڻا دهشتگرد ريسٽيڪيٽ ٿيا؟ گهڻن استادن کي نہ پڙهائڻ ۽ ڪوڙيون پگهارون کڻڻ جي ڏوهہ ۾ سزا ملي؟ گهڻن آفيسرن کي منتليون وٺڻ، بند اسڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين تعليمي ادارن بابت ڪوبہ ائڪشن نہ وٺڻ، ڄٽن ۽ جاهلن کي غنڊن ۽ بدمعاشن کي نوڪريون ڏيڻ ۽ رشوت وٺڻ جي ڏوهہ ۾ برطرف ڪيو ويو ۽ هن سموري بدبوءِ دار قصي جي ذميوار گهڻن وزيرن کان استعيفائون ڏياريون ويون.

هينئر اوچتو ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي جو حاڪمن کي غيرت وٺي ويئي آهي، ڇا اهي معتوب عتاب هيٺ آيل استاد اڳواڻ اڳي فرشتا هئا ۽ هاڻي شيطان ٿي ويا آهن؟ جي اهي ۽ فقط اهي ڏوهاري آهن تہ پوءِ ڇو نہ وڏي ڪنهن خواري، خرابي ۽ پروپئگندا بازي جي انهن خلاف گهڻو اڳي قانون مطابق ڪارروائي ڪئي وئي.

## پهرين ڏوهاري ناهيو، ڪم ڪيو پوءِ...!

عالمي، علائقائي، ملڪي ۽ مڪاني ڏوهاري ۽ داداگير اختياري وارن جو اهو وطيرو پئي رهيو آهي ته هو پهرين پنهنجي ناجائز مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ عام ماڻهن کي ڏوهاري ٺهرائي ڪين شاباسون، انعام اڪرام ڏئي ڪانئن ڏوهه ڪرائيندا آهن ۽ پنهنجو مطلب ڪڍڻ ڪان پوءِ انهن ڪان هٿي پري ٿي بيهندا آهن ۽ انهن تي ڏوهه مڙهي مٿانئن شاهد ٿي بيهندا آهن ته هي ههڙا خراب آهن ۽ هنن ههڙا ههڙا ڏوهه ڪيا. امريڪا شاهه ايران، ضياءَ الحق، صدام حسين، نگودن ديم جهڙن پنهنجن ماڻهن کي ٺيڪريون ڏيئي ڪانئن ٿين دنيا ۾ تباهيون ۽ بربباديون ڪرايون ۽ پوءِ وري انهن مان ڪم ڪڍي ڪين ڇڻ ته سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو.

## سرڪاري آشيرواد، ساٿ ۽ سهڪار!

ننڍڙي ٻار کي ٻه خبر آهي ته تعليم جو موجوده نظام جهڙو آهي، تهڙو هيترا سال سرڪار جي مڪمل ۽ پرجوش آشيرواد ۽ ساٿ ۽ سهڪار ڪان سواءِ نه ڪو اڳ هلي سگهيو ٿي، نه ڪو هاڻي هلي سگهي ٿو. انهن ئي سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو غرق ڪيو آهي. ماسترن ويچارن جي ڪهڙي مجال آهي جو ايڏو وڏو تاريخي جرم اڪيلي سر ڪري سگهن، ڇا سرڪار جا هيترا ڪٽڪ اوچتو انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا ٿي ويا هئا جو هيڏو سارو زمانو انهن کي خبر ئي نه پئي ته هيترا سؤ اسڪول، هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج عملي طرح بند پيا آهن ۽ هزارن جو اسٽاف مفت جون پگهارون پيو کڻي ۽ ڪامورا منٿليون وٺيو اڪيون پوريو ٻائو ٻڌو ٿيو وينا، ٻڙڪ ٻاهر نٿا ڪڍن؟ ڪوڙيون داخلائون، ڪوڙيون حاضريون، ڪوڙا رجسٽر، ڪوڙا امتحان ۽ ڪوڙي رزلٽ ۽ ڊگريون، اهو سڄو شاهي چرخو ڇا پنهنجو پاڻ پئي هليو ڇا؟ مرڪز ۽ صوبي جا هزارين ڪامورا جاسوس ۽ ايجنٽ تن کي ڇا نانگ سونگهي ويو هو يا چپن تي مهرون لڳي ويون هئن، جو هيترا سارا سال ٻڙڪ ٻه ٻاهر نٿي ڪڍيائون. سنڌ جي تباهي جا اصل مجرم اسلام آباد ۾ وينا آهن، جيڪي سنڌي قوم کي انڌي، ٻوڙي ۽ گونگي قوم ٺهرائي تاريخ جي صفحن تان ميسارڻ جي منصوبي تي رات ڏينهن جوش خروش سان عمل ڪرائي رهيا آهن. جيڪڏهن ڪا سزا ڏيڻي آهي ته اول انهن کي ۽ انهن جي چاڙتن کي ڏجي ۽ پوءِ بلاشڪ ڏوهاري ماسترن، ليڪچرارن، پروفيسرن ۽

منتظمن کي بہ سيکت ڏني وڃي چو تہ اهي بہ هن تاريخي قومي جرم ۾ کي گهٽ ڏوهاري نہ ليکبا.

سنڌي عوام جو پُرزور مطالبو آهي تہ تعليمي تباهي بابت اعلىٰ سطح تي جاچ ڪرائي ڏوهارين کي سزائون ڏنيون وڃن ۽ موجوده مجرمانہ پاليسي بنيادي طرح تبديل ڪري سنڌي قوم جي پڙهڻ، سکڻ، سمجهڻ ۽ پنهنجا حق، وسيلا، عزتون، آزاديون ماڻڻ جو حق تسليم ڪيو وڃي.

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books